
# ختمِ دورِ رسالت تي لکين سلام

ميلاد شريف جي اجتماع 1447ھ جو بيان

(For Islamic Brothers)



## ميلاد شريف جي اجتماع 1447ھ جو بيان

## (5 سيپٽمبر 2025ء / ٻارھين رات، جمعي ۽ ڇنڇر جي وچين رات)

# ختمِ دورِ رسالت تي لکين سلام

ھن بيان ۾ توھان ڄاڻي سگھندؤ...

- ... اجتماع ڪريو..!! خوشيون ملھايو..!!
- ... عقيدۀ ختم نبوت جي اھميت
- ... سيرتِ مصطفيٰ جي جامعيت
- ... اُمّت تي نبيءَ جا حق

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ؕ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله     وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله     وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

صحابيءِ رسول حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُ جن ڪان روايت آهي: جڏهن توهان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پڙهو تہ سٺي انداز سان، بهترين لفظن سان پڙهو! اوهان کي ڪهڙي خبر ممڪن آهي تہ اهو درود شريف حضور جن جي بارگاهہ ۾ پيش ڪيو وڃي.[(1)]

پيارا اسلامي ڀائرو! هن روايت ۾ پلي ڪان پلن لفظن سان درود شريف پڙهڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، اهي سٺا لفظ ڪهڙا هوندا...؟ فرمايائون: (جڏهن دُرود پڙهو تہ) هيئن درود پڙهندا ڪيو!

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ صَلَاتَكَ وَرَحْمَتَكَ وَبَرَكَاتَكَ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ وَاِمَامِ الْمُتَّقِيْنَ وَخَاتَمِ النَّبِيِّيْنَ

ترجمو: اي الله پاڪ! سڀني رسولن جي سردار، اَهلِ تقويٰ جي امام، سڀ ڪان آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي پنهنجا درود، رحمتون ۽ برڪتون نازل فرماءِ.[2]

مصطفیٰ جانِ رحمت پہ لاکھوں سلام | شمعِ بزمِ ہدایت پہ لاکھوں سلام
شہریارِ ارم تاجدارِ حرم | نَوبہارِ شفاعت پہ لاکھوں سلام
فتحِ بابِ نُبوّت پہ بے حد درود | ختمِ دورِ رسالت پہ لاکھوں سلام[(3)]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... القول البديع، صفحہ:57۔
2... القول البديع، صفحہ:57۔
3...حدائقِ بخشش، صفحہ:295-296 ملتقطاً۔

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الۡاَعۡمَالُ بِالنِّيَّات (عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون، نيت ڪريو! ۞الله پاڪ جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ بَاادب ويهندس ۞ خوب تَوَجُّہ سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# رسولَ انهيءَ جي ئي تہ خوش خبري ڏيڻ آيا آهن

روايتن ۾ آهي: هڪ ڀيري الله پاڪ جي نبي حضرت عيسيٰ عَلَیۡہِ السَّلَام پنهنجي 12 حوارين کي گهرايو.

نوٽ: اهي ماڻهو جن کي ايمان جي حالت ۾ حضرت عيسيٰ عَلَیۡہِ السَّلَام جي صحبت نصيب ٿي، انهن کي حواري چوندا آهن.

بهرحال پاڻ عَلَیۡہِ السَّلَام 12 حوارين کي گهرايو، پنهنجي نبوت جي فيضَ سان انهن کي جنَن کي قابو ڪرڻ ۽ مريضن کي شفا ڏيڻ جي طاقت عطا فرمائي.

سُبۡحٰنَ الله! معلوم ٿيو: انبياءِ ڪرام عَلَیۡهم السَّلَام صرف خود ئي مشڪل ڪشا ناهن هوندا، جن تي نگاهِ ڪرم فرمائن، انهن کي بہ مشڪل ڪشا، حاجت روا بڻائي ڇڏيندا آهن.

خير! حضرت عيسيٰ عَلَیۡہِ السَّلَام پنهنجي حوارين کي 2 طاقتون عطا فرمايون (1): جنن کي قابو ڪرڻ جي طاقت (2): مريضن کي شفا بخشڻ جي طاقت.

هي 12 حواري هئا، انهن سان گڏ پاڻ 70 وڌيڪ حواري مقرر فرمايا، هاڻي هي ڪل 82 ٿي ويا. هاڻي انهن 82 فردن جي جيڪا ڊيوٽي پاڻ لڳائي، اها وڏي ڪمال واري هئي. فرمايائون: هر هر شهر ۾ وڃو! ڳوٺ ڳوٺ پهچي وڃو!

1... بخاري، ڪتَاب بَدءُ الۡوَحِی، صفحہ:65، حديث:1۔

جيکڏھن شھر وارا، ڳوٺ وارا توھان جو سنو استقبال ڪن، توھان کي ڪاڏو پيش ڪن تہ ڪائو! جيکڏھن نہ ڏين تہ شھرن جي گھٽين، رستن تي رھو، جيڪو بيمار ملي، ان کي شفا --ڏيندا وڃو! شھر وارا توھان کي قبول ڪن يا نہ ڪن، ھڪ اعلان توھان ھر شھر ۾ ڪندا وڃو، سيني کي ٻڌائيندا وڃو: قَدِ اقْتَرَبَ مَلَكُوْتُ السَّمٰوٰتِ بيشڪ آسمانن جي بادشاھت (يعني سڀني جھانن جي شھنشاھ جي آمد) ويجھو اچي وئي آھي.[1]

| | |
|---|---|
| یہ کس شہنشاہِ والا کی آمد آمد ہے | یہ کون سے شہِ بالا کی آمد آمد ہے |
| یہ آج کاہے کی شادی ہے عرش کیوں جُھوما | لبِ زمیں کو لبِ آسماں نے کیوں چوما |
| یہ آج تارے زمیں کی طرف ہیں کیوں مائل | یہ آسمان سے پیہم ہے نُور کیوں نازِل |
| فرشتے آج جو دھومیں مچانے آئے ہیں | اِنہی کے آنے کی شادی رچانے آئے ہیں |
| رُسُل انہی کا تَو مژدہ سُنانے آئے ہیں | اِنہی کے آنے کی خوشیاں منانے آئے ہیں |
| یہ کس شہنشاہِ والا کی آمد آمد ہے | یہ کون سے شہِ بالا کی آمد آمد ہے[2] |

## وڏي رحمت عطا ٿيڻ واري رات

روايت ۾ آھي تہ: ھڪ ڀيرو اڌ رات جو وقت ھو، الله پاڪ جي نبي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي حوارين (يعني پاڻ تي ايمان آڻڻ وارن خوش نصيبن) نماز ادا ڪئي، پوءِ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي چوڌاري گڏ ٿيا. اھا ھڪ نرالي رات ھئي، انوکي رات ھئي، ڪھڙي رات ھئي؟ خود حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جن جي زباني ٻڌو!

پاڻ پنھنجن حوارين کي فرمايو: اڄ اھا رات آھي جيڪا مسيحا رسول (يعني محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي زماني ۾ ساليانی جشن جي طور تي ملھائي ويندي، ان ڪري مان نہ ٿو چاھيان تہ اڄ اسان سمھي رھون، بلڪ اڄ اسان پنھنجي رب ڪريم جي حضور 100 رڪعت نماز ادا ڪنداسين، پنھنجي رب جي حضور سجدو ڪنداسين. وڌيڪ فرمايائون: اسان کي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻ گھرجي

1... حجة الله على العالمين، المبحث الرابع...الخ، القسم الاوّل...الخ، ، الباب الاوّل...الخ، صفحہ:74بتقدم و تاخر۔
2... سامانِ بخشش، صفحہ:135 و 137 ملتقطاً۔

جو ان اسان کي هن رات ۾ هڪ وڏي نعمت عطا فرمائي آهي.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا شان آهي الله پاڪ جي نبين سڳورن جو...!!
حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جن اهي شان وارا نبي آهن، جن جي علمِ غيب جي معجزي جو الڳ طور تي قرآنِ ڪريم ۾ ذڪر آيو آهي ۽ سندن علمِ غيب جو شان ڏسو! هزارين سال اڳ جي ڳالهه آهي، حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جن الله پاڪ جي عطا سان، علمِ غيب جي شان سان ان وقت امتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو انداز ڏسي رهيا هئا، عشق جا رنگ ملاحظ فرمائي رهيا هئا، پاڻ ڄاڻندا هئا ته ولادتِ مصطفيٰ جي رات اها عظيم رات آهي جو امتِ مصطفيٰ هن رات جي قدر سڃاڻيندي، پنهنجي آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪمال درجي جو عشق ڪندي، سندن ولادت جي رات کي ساليانې جشن جي طور تي ملهائيندي.

| | |
|---|---|
| نہ کیوں آج جھومیں کہ سرکار آئے | خدا کی خدائی کے مُختار آئے |
| نہ کیوں بارہویں پر ہمیں پیار آئے | کہ آئے اِسی روز سرکار آئے |
| وہ آئے دوعالم کے مختار آئے | لو آج آئے امّت کے غمخوار آئے[2] |

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي هڪ ٻي ڳالهه تي غور فرمايو! حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جن محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آمد جي خوشخبري ٻڌائڻ آيا هئا، جيڪي اهو ڄاڻندا هئا ته مون کان پوءِ صرف ۽ صرف احمد نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي تشريف آڻيندا، جيئن ته الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ اِذْ قَالَ عِیْسَى ابْنُ مَرْیَمَ یٰبَنِیْۤ اِسْرَآءِیْلَ اِنِّیْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَیْكُمْ مُّصَدِّقًا لِّمَا بَیْنَ یَدَیَّ مِنَ التَّوْرٰىةِ وَ مُبَشِّرًۢا بِرَسُوْلٍ یَّاْتِیْ مِنْۢ بَعْدِی اسْمُهٗۤ اَحْمَدُؕ (سيارو: 28، سورت: صف: 6) | ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ ياد ڪريو جڏهن عيسيٰ بن مريم فرمايو: اي بني اسرائيل! مان توهاني جي طرف الله جو رسول آهيان، پاڻ کان پهريان واري ڪتاب تورات جي تصديق ڪرڻ وارو آهيان ۽ ان عظيم رسول جي بشارت ڏيڻ وارو آهيان جيڪو مون کان پوءِ تشريف ڪٺي ايندو ان جو نالو احمد آهي. |

1... انبیائے سابقین اور بشارت سید المرسلین، صفحہ:45۔
2... وسائلِ بخشش، صفحہ:499۔

پاڻ اهو بہ چاٽندا هئا تہ سندن ولادت مبارڪ ڪڏهن ٿيندي، ڪهڙي رات جو اهي دنيا ۾ تشريف آڻيندا. اجا پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم دنيا ۾ تشريف وڄين نہ آيا هئا، ان کان هزارين سال اڳ، بلڪل ولادتِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي رات جڻ تہ جشنِ ميلادِ مصطفيٰ جي محفل سجيل آهي ۽ انداز مبارڪ ڪيترو عظيم آهي، حضرت عيسيٰ عَلَیۡہِ السَّلَام جن پنهنجن حوارين کي ان رات جو شڪر ادا ڪرڻ جو بہ حڪم ڏنو ۽ فرمايائون: اڄ اسان ميلادِ مصطفيٰ جيڪا ايندڙ ڪيئي صدين کان بعد ٿيڻي آهي، ان جي شڪراني ۾ 100 رڪعت نماز ادا ڪنداسين.

| | |
|---|---|
| رُسل انہیں کا تو مژدہ سنانے آئے ہیں | انہیں کے آنے کی خوشیاں منانے آئے ہیں |
| فرشتے آج جو دُھومیں مچانے آئے ہیں | انہیں کے آنے کی شادی رَچانے آئے ہیں[1] |

*–*–*–*

| | | | |
|---|---|---|---|
| سرکار کی آمد! | مرحبا! | سردار کی آمد! | مرحبا! |
| اچھّے کی آمد! | مرحبا! | سچّے کی آمد! | مرحبا! |
| حُضُور کی آمد! | مرحبا! | پُرنور کی آمد! | مرحبا! |

## جن جو ذڪر نبي ڪندا رهيا

پيارا اسلامي ڀائرو! سُبْحٰنَ الله! اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ڪيڏو نرالو شان آهي، ڪيڏو نہ مٿاهون مرتبو آهي جو حضرت عيسيٰ عَلَیۡہِ السَّلَام جهڙا اعليٰ مرتبي وارا نبي عَلَیۡہِ السَّلَام پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي آمد جون خوشيون ملهائيندا رهيا آهن.

| | |
|---|---|
| تَصَدُّق ایسی رِفعت پر کہ برسوں قَبل دُنیا میں | سُناتے آئے ہیں مُژدہ حضرت عیسیٰ محمّد کا |

نہ صرف هن دنيا ۾، بلڪ قيامت واري ڏينهن بہ حضرت عيسيٰ عَلَیۡہِ السَّلَام جن آخري نبي جو ئي ذڪر خير فرمائيندا. انهن جي طرف ماڻهن کي موڪليندا. روايت ۾ آهي تہ قيامت واري ڏينهن ان جي آفتن، هولناڪين ۽ مصيبتن کان

[1]... سامانِ بخشش، صفحہ:137۔

تنگ تي ماڻهو ڪنهن شفاعت ڪرڻ واري جي تلاش ۾ نڪرندا، ڳوليندا ڳوليندا حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام، پوءِ حضرت نوح عَلَيۡهِ السَّلَام، پوءِ حضرت ابراهيم خليل الله عَلَيۡهِ السَّلَام، پوءِ موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي خدمت ۾ پهچندا، ارشاد ٿيندو: نَفۡسِی نَفۡسِی، اِذۡهَبُوۡا اِلٰی غَیۡرِیۡ آخر حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جن جي خدمت ۾ حاضري ٿيندي، اتان به اهو ئي جواب ملندو. پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام وڌيڪ فرمائيندا: اِذۡهَبُوۡا اِلٰی مُحَمَّدٍ يعني هاڻي ٻئي ڏي وڃڻ جي ضرورت ناهي، هاڻي اوهين سڀ آخري نبي، محمد عربي جي بارگاهه ۾ حاضر ٿي وڃو.[1]

فقط اتنا سبب ہے، انعقادِ بزمِ محشر کا | کہ اُن کی شانِ محبوبی دکھائی جانے والی ہے (2)

## رسولَ انهيءَ جي خوشخبري ٻڌائڻ آيا آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! هي صرف حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام ئي ناهن، حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کان وٺي حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام تائين جيترا به نبي تشريف فرما ٿيا، سڀ جا سڀ نبي آمدِ مصطفيٰ جي پرچار ڪندا آيا. قرآن ڪريم ۾ آهي ته الله پاڪ عالمِ ارواح ۾ (يعني هن دنيا کان پهريان هڪ جهان آهي، جتي روح هوندا آهن، ان جهان ۾) سڀني کي گڏ فرمايو، جن کي تاجِ نبوت عطا فرمائڻو هو، پوءِ انهن کان هڪ وعدو ورتو، اهو وعدو ڇا هو؟ الله پاڪ ان کي: 3 سيپاري سورت آل عمران، آيت نمبر 81 ۾ بيان فرمايو آهي. فرمايائين: مان توهان سڀني کي تاجِ نبوت عطا فرمائيندس، ڪتاب ۽ حڪمت توهان کي عطا ڪئي ويندي، پوءِ

ثُمَّ جَآءَكُمۡ رَسُوۡلٌ مُّصَدِّقٌ لِّمَا مَعَكُمۡ

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ توهان وٽ اهو عظمت وارو رسول تشريف آڻيندو جيڪو توهان جي ڪتابن جي تصديق فرمائڻ وارو هوندو.

يعني ان دوران جڏهن توهان جي نبوتن جو دور هلي رهيو هوندو، توهان

[1]…مصنف ابن ابی شیبہ، کتاب الفضائل، باب ما اعطی…الخ، جلد:7، صفحہ:415، حدیث:36ملخصاً۔

[2]… ذوقِ نعت، صفحہ:232۔

پنهنجي نورِ نبوت جون روشنيون دنيا ۾ پکيڙي رهيا هوندا، ان دوران جيڪڏهن اسان جا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف فرما ٿين ته

| | |
|---|---|
| لَتُؤْمِنُنَّ بِهٖ وَلَتَنْصُرُنَّهٗ ؕ | **ترجمو ڪنزالعرفان:** ته توهان ضرور ضرور ان تي ايمان آڻجو ۽ ضرور ضرور ان جي مدد ڪجو. |

پوءِ توهان کي اسان جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪلمو به پڙهڻو آهي، انهن جي خدمت به انجام ڏيڻي آهي.

| | |
|---|---|
| قَالَ ءَاَقْرَرْتُمْ وَ اَخَذْتُمْ عَلٰى ذٰلِكُمْ اِصْرِیْ ؕ | **ترجمو ڪنزالعرفان:** (الله) فرمايو: (اي انبياء!) ڇا توهان (هن حڪم جو) اقرار ڪري ورتو ۽ ان (اقرار) تي منهنجو ڳرو ذمو کڻي ورتو؟ |

سيني نبين عرض ڪيو:

| | |
|---|---|
| قَالُوْۤا اَقْرَرْنَا ؕ | **ترجمو ڪنزالعرفان:** اسان اقرار ڪيو. |

هاڻي هتي هڪ سوال آهي ته: الله پاڪ کي ته معلوم هو ته جيستائين هي انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام دنيا ۾ موجود هوندا، تيستائين محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت دنيا ۾ نه ٿيندي، ان جي باوجود انهن کان اقرار ڇو ورتو ويو ته جيڪڏهن توهان جي دورِ نبوت دوران محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف فرما ٿيا ته توهان کي انهن تي ايمان آڻڻو پوندو. اها ڳالهه طئي هئي ته انهن انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي ظاهري زندگي ۾ تشريف ئي نه آڻڻو هو، پوءِ اقرار ڇو ورتو ويو؟

**جواب:** اهو آهي ته انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام کان اقرار ان ڪري ورتو ويو هو ته جيئن انهن جون دليون هر وقت آمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لاءِ منتظر رهن، اهي هر وقت پنهنجن امتين کي بس اهو ئي چوندا رهن ته بس آمدِ مصطفيٰ ويجهو آهي، اي انسانو! ٻڌي ڇڏيو...!! آمدِ مصطفيٰ ويجهو آهي. اهڙيءَ طرح هر دور ۾ ئي آمدِ مصطفيٰ جي پرچار ٿيندي رهندي.(1)

---

1... تفسير نعيمی، پاره:3، سورۂ آلِ عمران، زيرِ آيت:81، جلد:3، صفحه:593 بتغير۔

# اجتماع ڪريو! خوشيون ملهايو...!!

حضرت دائود عَلَيْهِ السَّلَام جيڪي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان تقريبن 1700 سترنهن سو سال پهريان دنيا ۾ تشريف فرما ٿيا، ان وقت حضرت دائود عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي قوم کي فرمايو: سَبِّحُوا الرَّبَّ تَسْبِيحًا جَدِيدًا هاڻي هڪ نئين رنگ سان الله پاڪ جي تسبيح بيان ڪريو! سَبِّحُوهُ فِي مَجْمَعِ الْاَبْرَارِ نيڪ ماڻهن جا اجتماع سجايو! انهن اجتماعن ۾ الله پاڪ جي پاڪائي بيان ڪريو!

وڌيڪ فرمايائون: بني اسرائيل کي گهرجي تہ خوشيون ملهائين، چهرا خوش و خرم ڪري خوشين جو خوب اظهار ڪن، ان ڪري جو نورِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام جلد چمڪڻ وارو آهي.[1]

سُبْحٰنَ الله! خبر پئي تہ

رُسُل اِنہی کا تو مُژدہ سُنانے آئے ہیں | اِنہی کے آنے کی شادِی رَچانے آئے ہیں[2]

## هي آهي خوشيءَ جو وقت

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! جن جي آمد جي پرچار انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام ڪندا رهيا، جن جي آمد جون خوشيون ملهائڻ تي الله پاڪ جا نبي ماڻهن کي اڀاريندا رهيا، اهي محبوبِ رحمٰن، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان گنهگارن جي قسمت سنوارڻ لاءِ آخري نبي بڻجي تشريف فرما ٿيا.

خالِقِ کُل اے رَبِّ عُلیٰ، شکر ترا کیونکر ہو ادا
ہم کو وہ مَحْبُوب دیا رُتبہ جس کا سب سے سِوا(اُونچا)
کیوں خاموش ہو اَہْلِ صفا، ہے یہ وقت مسرت کا
یعنی آج ہوئے پیدا شاہِ ہُدیٰ محبوبِ خُدا
قاسِمِ نعمت آپہنچے، مالِکِ جنّت آپہنچے

---

[1]... حجة الله على العالمين، المبحث الرابع...الخ، القسم الاوّل...الخ، الباب الاوّل...الخ، صفحه:71 ملخصاً.

[2]... سامانِ بخشش، صفحه: 137 .

والیٔ اُمّت آپہنچے، رَبّ کی رحمت آپہنچے
جن کی خلیل دُعا مانگیں، جن کی مسیح بشارت دیں
جن کی گواہی پتھر دیں، جن سے سب دُکھ درد کہیں
سالِکِ خستہ کی آقا، پُوری ہو ہر ایک دُعا
جو اِس محفل میں آیا، ہو اُس پر بھی فضل ترا
لَااِلٰہَ اِلَّا اللہ! آمنّا بِرَسُوْلِ اللہ!([1])

## نصيبَ چمڪيا آهن فرش وارن جا

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جو ڪروڙين بار شڪر آهي، ان جو انتهائي فضل آهي جو اسان کي 1500هون جشنِ ولادت جي ٻارهين رات عطا ٿي وئي آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! ۞اڄ اسان جي نصيبن چمڪڻ جي رات آهي ۞موسم بدلجڻ جي رات آهي ۞نور وسڻ جي رات آهي ۞اونڌايون ختم ٿيڻ جي رات آهي ۞اڄ خوشي سان جهومڻ جي رات آهي ۞رب جي رحمت جي آمد جي رات آهي ۞اڄ اها رات آهي جنهن رات ڏکايلن جا ڏک دور ٿيا ۞بي سهارن کي سهارو مليو ۞ڏکايل، سڏڪندڙ انسانيت کي غمخوار نصيب ٿي ويو.

نصیب چمکے ہیں فرشیوں کے کہ عرش کے چاند آرہے ہیں
جَھلک سے جن کی فلک ہے روشن وہ شمس تشریف لا رہے ہیں
زمانہ پلٹا ہے، رُت بھی بدلی، فلک پہ چھائی ہوئی ہے بدلی
تمام جنگل بھرے ہیں جَل تَھل، ہرے چمن لہلہا رہے ہیں
شبِ وِلادت میں سب مسلماں نہ کیوں کریں جان و مال قرباں
ابولہب جیسے سخت کافِر خُوشی میں جب فیض پا رہے ہیں
حبیبِ حق ہیں خُدا کی نعمت، بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ
خُدا کے فرمان پر عمل ہے، جو بزمِ مولیٰ سجا رہے ہیں

[1]...دیوانِ سالک، صفحہ:31 تا 34 ملتقطاً۔

نثار تیری چہل پہل پر ہزار عیدیں ربیعُ الاوّل
سوائے ابلیس کے جہاں میں سبھی تو خوشیاں منا رہے ہیں [1]

## هميشہ هاڻي تنهنجو وارو آهي ٻارهين تاريخ

پيارا اسلامي ڀائرو! 13 ربيعُ الاول شريف آچر تي 7 سيپٽمبر آهي، اَلْحَمْدُلِلّٰه! اسان جي پياري ملڪ پاڪستان ۾ 7 سيپٽمبر تي يومِ ختمِ نبوت ملهايو ويندو آهي.

۽ توهان کي هڪ مزي جي ڳالهہ ٻڌايان: اسان جيڪو 1500 هون جشنِ ولادت ملهائڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيا آهيون، ان ۾ بہ آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شانِ ختمِ نبوت جو اظهار آهي. مولانا حسن رضا خان صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو آهي تہ:

تمام ہو چکی میلادِ انبیا کی خوشی | ہمیشہ اب تری باری ہے بارہویں تاریخ [2]

مطلب تہ پهريان انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام تشريف فرما ٿيا، اهي بہ تمام وڏي مرتبي وارا هئا، انهن جي بہ ولادت جون خوشيون ٿينديون رهيون آهن پر هاڻي آمنہ جا لال تشريف وٺي آيا آهن، هاڻي 500 هون جشنِ ولادت هجي يا 1000 هون، 1500 هون جشنِ ولادت هجي يا 2000 هون هجي، هاڻي دنيا ۾ ڪو نئون نبي پيدا نہ ٿيندو، قيامت تائين پوري ڪائنات ۾ صرف ۽ صرف ٻارهين جي چنڊ جو ئي نور چمڪندو رهندو.

صبح طیبہ میں ہوئی، بٹتا ہے باڑا نُور کا | صدقہ لینے نُور کا آیا ہے تارا نُور کا
باغِ طیبہ میں سہانا پُھول پُھولا نُور کا | مستِ بُو ہیں بلبلیں پڑھتی ہیں کلمہ نُور کا
بارہویں کے چاند کا مُجرا ہے سجدہ نُور کا | بارہ بُرجوں سے جھکا ایک اِک ستارہ نور کا [3]

## سڀ کان آخري نبي

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! اسان جا آقا، اسان جا مولا، اسان جا ملجا، اسان

---

[1]... دیوانِ سالک، صفحہ:35-36ملتقطاً۔
[2]...ذوقِ نعت، صفحہ:121۔
[3]...حدائقِ بخشش، صفحہ:242۔

جا ماويٰ، اسان جا حامي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀ ڪان آخري نبي آهن. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| مَا كَانَ مُحَمَّدٌ اَبَاۤ اَحَدٍ مِّنْ رِّجَالِكُمْ وَ لٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَ خَاتَمَ النَّبِیّٖنَؕ وَ كَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَیْءٍ عَلِیْمًا۠ (پارو: 22، سورة احزاب: 40) | ترجمو ڪنزُ العرفان: مُحَمَّد توهان جي مَردن مان ڪنهن جو پيءُ نہ آهي، پر الله جو رسول آهي ۽ سڀني نبين جي آخر ۾ تشريف وٺي اچڻ وارو آهي ۽ الله سڀ ڪجھ ڄاڻڻ وارو آهي. |

هن آيت سڳوري جي تفسير ۞خود آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ فرمائي ۞صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عنهم بہ هن جي تفسير بيان ڪئي ۞تابعين بہ بيان ڪئي ۞مطلب تہ 15 صدين جي سڀني عالمن، محققن، مصنفن، مفسرن، محدثن، سڄي امتِ مسلمہ متفقہ طور تي اها ئي تفسير ڪئي تہ محمد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀ کان آخري نبي آهن، پاڻ سڳورن جي ولادت پاڪ کان پوءِ قيامت تائين ڪو نئون نبي پيدا نہ ٿيندو. (1)

| | |
|---|---|
| شہِ انبیا ہے، خُدا کا ہے پیارا | وہ نبیوں میں سُن لو! نبی آخری ہے |
| مُحَمَّد ہے اَحمَد، ہے سُلطانِ بطحا | وہ نبیوں میں سُن لو! نبی آخری ہے |

## ملائڪَ مُهرِ نبوت لڳائي ڇڏي

پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ تشريف فرما ٿيا، ان وقت مصطفيٰ ڪريم جي والده حضرت سيده آمنہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْها تمام گهڻا عجائبَ ڏٺا، الله پاڪ جي قدرتن جا وڏا نظارا ڪيا. انهن مان ئي هڪ واقعو بيان ڪندي فرمائن ٿيون: جيڪو ڪجھ مان ڏسي چڪي هئس، اجا ان تي تعجب ئي ڪري رهي هئس تہ اوچتو 3 نوراني شخص منهنجي سامهون ظاهر ٿيا، انهن جي چهرن تي ايترو نور هو، ايترو نور هو، لڳي پيو تہ سج انهن جي چهرن تي اڀريو آهي ۞ انهن مان هڪ جي هٿ ۾ چانديءَ جو خوبصورت جڳ هو، جنهن مان مشڪ جي خوشبو نڪري رهي

1...فتاوى رضويہ، جلد:14، صفحہ:333 ملخصاً.

هئي ۞ ٻئي جي هٿ ۾ سائي زمرد جو 4 ڪنڊن وارو وڏو ٿالهه هو ۞ ٽئين جي هٿ ۾ ريشمي ڪپڙي ۾ ويڙهيل ڪا شيءِ هئي. ٻيو شخص جنهن جي هٿ ۾ وڏو ٿالهه هو، ان ٿالهه پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون ڪيو ۽ عرض ڪيو: اي محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي دنيا آهي، اوهان پسند فرمايو ته ڪهڙي ڪنڊ کي پسند فرمائيندا؟ سيده آمنه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: هي ٻڌي مون کي تجسس ٿيو ته ڏسان منهنجو لال ڪهڙي ڪنڊ کي پسند ڪري ٿو، ايتري ۾ محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو مبارڪ هٿ مٿي ڪنيو ۽ ٿالهه جي وچ ۾ رکيو. ان شخص 3 ڀيرا چيو: ربِ ڪعبہ جو قسم! اوهان ڪعبي کي پسند فرمايو آهي، الله پاڪ ڪعبي کي اوهان جو قبلو مقرر فرمائيندو.

| | |
|---|---|
| دو عالَم میں روشن ہے اِکّا تمہارا | ہوا لامکاں تک اُجالا تمہارا |
| بنایا تمہیں حق نے مختار و حاکِم | وہ کیا ہے نہیں جس پہ قبضہ تمہارا |
| بتوں سے کیا پاک قبلہ بنایا | ہے ممنون و شاکِر یہ کعبہ تمہارا |

ان کان پوءِ جيڪو ٽيون شخص هو، ان ريشمي ڪپڙي کي کوليو، ان مان هڪ مهر ڪڍي، اهڙي چمڪدار مهر هئي جنهن کي ڏسڻ سان اکين تي ترورا ٿي رهيا هئا ان مهر کي چاندي جي جڳ ۾ 7 ڀيرا غسل ڏنو ويو، پوءِ محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ (ختمِ نبوت جي) مهر لڳائي وئي.[1]

## پيارا آقا آخري نبي آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ ڪلهي جي پوئين پاسي ڪبوتر جي آني جيان اپريل گوشت مبارڪ هو، ان مان نوراني شعائون نڪرنديون هيون ۽ مشڪ جهڙي خوشبوءِ مهڪندي هئي، اڳوڻن آسماني ڪتابن ۾ پاڻ سڳورن جي نشانين مان هڪ نشاني اها به بيان ٿيل هئي ته پاڻ سڳورن جي پٺي مبارڪ تي مهرِ نبوت هوندي.

1... حجة الله على العالمين، المبحث الرابع...الخ، القسم الثانی...الخ، الباب الثانی...الخ، صفحہ:168۔

هي مهر مبارڪ پاڻ سڳورن جي مبارڪ ڪلهي تي ڇو هئي...؟ مسلمانن جا چوٿان خليفا حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: بَيۡنَ كَتِفَيۡهِ خَاتَمُ النُّبُوَّةِ، وَهُوَخَاتَمُ النَّبِيّٖنَ يعني پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ مهرِ نبوت هئي، ان ڪري جو پاڻ سڀني کان آخري نبي آهن.[1]

حضرت علامہ بدر الدين عيني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ لکن ٿا: جنهن ٿانوَ (يا تجوري وغيره) ۾ تمام گهڻو قيمتي سامان هجي، ان جي مٿان مهر لڳائي ويندي آهي ته جيئن ڪو ان کي کولي نہ سگهي (جيئن اڄڪلهه اسان وٽ بہ پارسل جڏهن ايندا آهن، مثال طور اسان پري کان ڪا قيمتي شيءِ گهرايون ته پارسل کي سِيل ڪيو ويندو آهي، اهو ان ڪري هوندو آهي ته جيئن ڪو بہ ان پارسل کي کولي نہ سگهي، جيڪڏهن ڪو کولڻ جي ڪوشش ڪندو ته پڪڙجي ويندو). اهڙيءَ طرح الله پاڪ نبوت جا سمورا انوار، سمورا فيضَ دلِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ رکي مهر لڳائي ڇڏي. اها ان ڳالهه جي نشاني هئي ته نبوت پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي ختم ٿي وئي، هاڻي قيامت تائين ڪو نئون نبي پيدا نہ ٿيندو.[2]

| | |
|---|---|
| نہیں ہے اور نہ ہو گا بعد آقا کے نبی کوئی | وہ ہیں شاہِ رسل ختمِ نبوت اِس کو کہتے ہیں |
| لگا کر پشت پر مُہرِ نبوت حق تعالیٰ نے | اِنہیں آخر میں بھیجا خاتمیت اِس کو کہتے ہیں[3] |

## فرشتن ۽ جنن جي گواهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! اڄ شبِ ولادتِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي، ذڪرِ ولادتِ سرڪار بہ اسان ڪري رهيا آهيون ۽ ان سان گڏو گڏ شانِ ختمِ نبوت بہ ٻڌي رهيا آهيون. ان حوالي سان هڪ خوبصورت واقعو توهاَن کي ٻڌايان، ان کان پهريان ٿوري وضاحت ٻڌو!

زمانۂِ جاهليت ۾ ڪَهانت (غيب جون خبرون ٻڌائڻ) کي وڏي مقبوليت حاصل هئي. ڪاهن ان شخص کي چوندا هئا جنهن جو جنن سان رابطو هوندو

---

1...شمائل ترمذی، باب ماجاء فی خلق رسول اللہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم، صفحہ:12، رقم:7۔

2...عمدة القاری، کتاب الصلاة، باب کیف فرضت...الخ، جلد:3، صفحہ:242 زیرِ حدیث:349 ملخصاً۔

3...قبالۂ بخشش، صفحہ:207۔

هو، ولادتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پهريان جنن کي آسمانن تائين وڃڻ جي اجازت هوندي هئي، اهي آسمانن جي ويجهو ويندا هئا، اتي ڪن لڳائي فرشتن جي گفتگو ٻڌندا هئا ۽ اچي ڪاهنن کي ٻڌائيندا هئا، اهڙيءَ طرح انهن کي ايندڙ وقت جون خبرون بہ ملي وينديون هيون.[1]

اَلْحَمْدُلِلّٰه! ولادتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پهريان تمام گهڻا ڪاهن بہ اها خوشخبري ٻڌائي چڪا هئا تہ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت ٿيڻ واري آهي.

علامہ نَبهاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هتي تمام پيارو نڪتو بيان ڪيو، فرمايو آهي: جن فرشتن کان خبرون ٻڌندا هئا، اچي ڪاهنن کي ٻڌائيندا هئا، پوءِ ڪاهنن خبرون ڏنيون تہ آمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بس ٿيڻ ئي واري آهي. ان مان خبر پئي ٿي تہ آسمانن تي بہ آمدِ مصطفيٰ جو ذڪر هئو، فرشتا مصطفيٰ جي ولادت جو ذڪر ڪندا هئا، جنات اتان ٻڌي، اچي انسانن کي ٻڌائيندا هئا.[2]

سُبْحٰنَ الله! ڪيڏو نہ نرالو شان آهي...!! انبياءِ ڪرام عَلَيْهِم السَّلَام پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آمد جي پرچار ڪن ٿا، فرشتا پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آمد جا تذڪرا ڇيڙين ٿا، زمين ۽ آسمان تي پاڻ سڳورن جي آمد جون ڌومون مچن ٿيون، جڏهن سڄي مخلوق آمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پرچار ڪندي رهي آهي تہ پوءِ اسان ڇو پوئتي رهون، اسان جهومي جهومي آمدِ مصطفيٰ جو ذڪر ڇو نہ ڪريون...؟

| | |
|---|---|
| جھوم کر سارے پکارو مرحبا یامصطفٰے | چوم کر لب کہہ دو یارو مرحبا یامصطفٰے |
| کہہ کر اے عِصیاں شِعار و مرحبا یامصطفٰے | بگڑی قسمت کوسنوارومرحبایامصطفٰے |
| مفلِسو، غُربت کے مارو مرحبا یامصطفٰے | تم بھی کہہ دو مالدارو مرحبا یامصطفٰے |
| دھوم ہے عطّاؔر ہر سُو شاہ کے مِیلاد کی | جھوم کر تم بھی پکارو مرحبا یامصطفٰے( 3 ) |

خير! مان هڪ واقعو عرض ڪرڻ وارو هئس. واقعو هن طرح ٿيو: رَبيعہ بن

1... حجۃ اللہ علی العالمین، المبحث الرابع...الخ، القسم الاوّل...الخ، ، الباب الرابع...الخ، صفحہ:125 ملخصاً۔
2... حجۃ اللہ علی العالمین، المبحث الرابع...الخ، القسم الاوّل...الخ، ، الباب الرابع...الخ، صفحہ:128 بتصرف۔
3... وسائلِ بخشش، صفحہ:410-411 ملتقطاً۔

نَصّر يمن جو بادشاھ ھو، ھن ھڪ ڀيري ھڪ خواب ڏٺو، گھڻو ڊڄي ويو، تمام گھڻو خوفناڪ قِسم جو خواب ھو، ھاڻي ھن تعبير ڄاڻڻ لاءِ پنھنجي ملڪ جي سيني مُعَبِّرَن (يعني تعبير ٻڌائڻ وارن) کي گڏ ڪيو، چيائين: مون ھڪ خواب ڏٺو آھي، توھان ان جي تعبير ٻڌايو! پر شرط اھو آھي تہ مان خواب نہ ٻڌائيندس، مون ڇا ڏٺو آھي؟ اھو بہ توھان پاڻ ئي ٻڌائيندا ۽ ان جي تعبير بہ ڪندا.

وڏو عجيب شرط ھو، جڏھن سوال ئي نہ پڇيو ويو تہ جواب ڪھڙي شيءِ جو...؟ خواب جي خبر پوي تہ تعبير ٻڌائن پر اھو بادشاھ ھو، بادشاھن جو پنھنجو مزاج ھوندو آھي. انھن جي سامھون ڪير ڪُڇي. خير! ھڪ مُعَبِّر ھمت ڪئي، ڳالھائڻ جي ھمت ڪري چيائين: بادشاھ سلامت...!! ھڪ شخص آھي جيڪو توھان جي شرط تي پورو لھي سگھي ٿو. پڇيائين: ڪير آھي؟ چيائين: شام جو رھاڪو آھي، ڪاھن آھي (يعني ان جو جنن سان رابطو آھي)، ان جو نالو سَطِّيح آھي. بادشاھ حڪم ڏنو: سَطِيح کي فوري طور حاضر ڪيو وڃي.

شاھي اھتمام سان سَطِيح کي گھرايو ويو، معاملو ان جي سامھون رکيو ويو. سَطِّيح جو جنن سان جيڪو رابطو ھو، ان جي ذريعي ھن چيو: بادشاھ سلامت! توھان ڏٺو تہ ھڪ اونداھو سمنڊ آھي، جتي ھر طرف اونداھي ئي اونداھي ڇانيل آھي، پوءِ ان اونداھي ۾ ھڪ ڪِنوَڻ چمڪي، اھا ڪنوڻ جي چمڪ تِھامہ (يعني مڪي پاڪ) ۾ اچي ڪِري ۽ ان سيني اونداھين کي ڳِڙڪائي ڇڏيو.

ايترو ٻڌڻ سان ئي بادشاھ ٽپُ ڏئي اٿيو، چيائين: بلڪل مون اھو ئي خواب ڏٺو آھي. ھاڻي ان جي تعبير بہ ٻڌاءِ...!! سطيح چيو: بادشاھ سلامت...!! تمام جلد ھڪ نبي تشريف آڻڻ وارا آھن، انھن جي اچڻ سان سڀ ظالم حڪومتون ختم ٿي وينديون (دنيا ۾ عدل ۽ انصاف جي روشني پکڙجي ويندي). ھن وڌيڪ چيو: آخري زماني (يعني قيامت) تائين انھن نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر رھندو.[1]

| | |
|---|---|
| مچی ہے دُھوم پیمبر کی آمد آمد ہے | حبیبِ خالقِ اَکبر کی آمد آمد ہے |
| کیا ہے سبز علم نصب بامِ کعبہ پر | کہ دو جہان کے سرور کی آمد آمد ہے |
| نہ کیوں ہو نور سے تبدیل کفر کی ظلمت | خدا کے ماہِ منوّر کی آمد آمد ہے |

1...حجۃُ اللہ علی العالمین، المبحث الرابع...الخ، القسم الاوّل...الخ، ، الباب الرابع...الخ، صفحہ:128 بتصرف۔

ہے جبرئیل کو حکمِ خدا خبر کردو ۔۔۔ کہ آج حق کے پیمبر کی آمد آمد ہے
خوشی کے جوش میں ہیں بلبلیں بھی نغمہ کناں ۔۔۔ چمن میں آج گلِ تر کی آمد آمد ہے
دوزانو ہو کے اَدَب سے پڑھو صلوۃ و سلام ۔۔۔ عزیزو خلق کے مصدر کی آمد آمد ہے
جمیلؔ قادری کہہ دے کھڑے ہوں اہلِ سنن ۔۔۔ ہمارے حامی و یاوَر کی آمد آمد ہے(1)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ان مان هڪ تہ اها خبر پئي تہ آمدِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي برڪت آهي جو دنيا تي جيڪا اونداهي ڇانيل هئي، ان نور جي آمد سان اها اونداهي ختم ٿي وئي. ۽ اها بہ خبر پئي تہ مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو تذڪرو قيامت تائين هلندو رهندو، يعني پاڻ سڳورن کانپوءِ ڪو نئون نبي نہ ايندو، قيامت تائين بس پاڻ سڳورن جو ئي ذڪر پاڪ بلند رهندو.

اڇا اها ڳالھ سِطِّيح کي ڪيئن خبر پئي؟ جنن جي ذريعي، جنن کي ڪٿان خبر پئي؟ فرشتن وٽان، خبر پئي: آمدِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان پھريان فرشتن ۾ بہ پرچار هئي تہ محمد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سڀ کان آخري نبي آهن، جڏهن پاڻ سڳورا تشريف فرما ٿيندا، ان کانپوءِ قيامت تائين پاڻ سڳورن جو ئي ذڪر رهندو.

سب سے اولیٰ واعلیٰ ہمارا نبی ۔۔۔ سب سے بالا و والا ہمارا نبی
بزمِ آخر کا شمع فَروزاں ہوا ۔۔۔ نُورِ اوّل کا جلوہ ہمارا نبی
خلق سے اولیاء اولیاء سے رُسُل ۔۔۔ اور رَسولوں سے اعلیٰ ہمارا نبی
کیا خبر کتنے تارے کھلے چھپ گئے ۔۔۔ پر نہ ڈوبے نہ ڈوبا ہمارا نبی(2)

## ختمِ نبوت جي عقيدي جي اهميت

پيارا اسلامي ڀائرو! اها ڳالھ هميشہ ياد رکو تہ عقيدهءِ ختمِ نبوت کو

---

1...قبالۂ بخشش، صفحہ:333 ۔
2...حدائقِ بخشش، صفحہ:138-139 ملتقطاً۔

معمولي اهميت جو عقيدو ناهي بلڪ اهو ضروورياتِ دين مان آهي يعني اسلام ۾ جيڪا اهميت عقيدهٔ توحيد جي آهي، اها ئي اهميت عقيدهٔ ختمِ نبوت جي بہ آهي، مسلمان ٿيڻ لاءِ جيئن لَآاِلٰهَ اِلَّا الله جو اقرار ڪرڻ ضروري آهي، [(1)] اهڙيءَ طرح پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي آخري نبي مڃڻ بہ ضروري آهي. ڪلمو پاڪ جنهن کي پڙهي ڪافر مسلمان ٿيندو آهي: لَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله هن ڪلمي ۾ جيڪو لفظ محمد آهي، ان مان ڪو ٻيو نہ بلڪ اهي محبوبِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مراد آهن، جن جي مٿي تي ربِ ڪائنات خَاتَمُ النَّبِيّٖن (يعني سڀ کان آخري نبي) جو تاج سجايو آهي، ان ڪري جيڪو ٻانهو ڪلمو پاڪ تہ پڙهي پر حضرت حمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي آخري نبي نہ مڃي، اهو هرگز، هرگز مسلمان نہ ٿي سگهندو.

| | |
|---|---|
| بعد آپ کے ہر گز نہ آئے گا نبی نیا | واللہ ! اِیماں ہے مرا، اے آخری نبی |
| سب انبیا کے ہو تمہیں سردار لاَجَرَم | تم سا نہیں ہے دوسرا، اے آخری نبی |
| دے دے شفاعت کی مجھے خیرات خیر سے | روزِ قیامت بخشوا، اے آخری نبی |

*-*-*

| | | | |
|---|---|---|---|
| محمد مصطفٰے | سب سے آخری نبی! | احمد مجتبیٰ | سب سے آخری نبی! |
| آمنہ کا لاڈلہ | سب سے آخری نبی! | شاہِ ہر دوسرا | سب سے آخری نبی! |
| تاجدارِ انبیا | سب سے آخری نبی! | ہیں حبیب کبریا | سب سے آخری نبی! |
| ہیں شفیع الورا | سب سے آخری نبی! | عاصیوں کا آسرا | سب سے آخری نبی! |
| اعتقادِ فاطمہ | سب سے آخری نبی! | ہے یقین عائشہ | سب سے آخری نبی! |
| عقیدہ سب صحابہ کا ! | سب سے آخری نبی! | عقیدہ اَہْلِ بیت کا ! | سب سے آخری نبی! |
| عقیدہ غوث پاک کا! | سب سے آخری نبی! | اَوْلیا نے بھی کہا! | سب سے آخری نبی! |
| شیخ و شاب نے کہا | سب سے آخری نبی! | بچہ بچہ بول اُٹھا | سب سے آخری نبی! |

1 ... فتاویٰ رضویہ، جلد:15، صفحہ:630 بتصرف۔

ہے عقیدہٗ رضا | سب سے آخری نبی! | نعرہ ہے عطّار کا | سب سے آخری نبی![1]

## لوح محفوظ ۾ عقيدهءِ ختمِ نبوت

حديثِ پاڪ جي مشهور ڪتاب مسلم شريف ۾ آهي: الله پاڪ جي آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ زمين ۽ آسمان جي پيدائش کان 50 هزار سال پهريان مخلوق جي تقدير لکي.[2] روايتن ۾ آهي: ان وقت لوحِ محفوظ تي جيڪو ڪجهه لکيو ويو، ان ۾ اهو به هو: اَنَّ مُحَمَّدًا خَاتَمُ النَّبِيّٖن بيشڪ محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀ کان آخري نبي آهن.[3]

## حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام ۽ عقيدهءِ ختمِ نبوت

صحابيءِ رسول حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي، آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن الله پاڪ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي پيدا فرمايو تہ کين انهن جو اولاد ڏيکاريو ويو، پاڻ پنهنجي اولاد مان ڪِن ڪي ڪن کان افضل ڏٺو، پوءِ پاڻ سڀ کان آخر ۾ بلند ۽ روشن نور ڏٺو، عرض ڪيائون: يَا رَبِّ! مَنْ هٰذَا؟ اي الله پاڪ! هي ڪير آهي؟ ارشاد ٿيو: اي آدم! هي توهان جو پٽ احمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) آهي، اهو ئي اول آهي، اهو ئي آخر آهي، اهو ئي آهي جيڪو (روزِ قيامت) سڀ کان پهريان شفاعت ڪندو، انهيءَ جي شفاعت سڀ کان پهريان قبول ڪئي ويندي.[4] ❀ صحابيءِ رسول حضرت جابر بن عبدالله رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ الله پاڪ جي نبي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ لکيل هو: مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيّٖن محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جا رسول ۽ سڀ کان آخري نبي آهن.[5]

تاجدارِ انبیا! | سب سے آخری نبی! | ہیں حبیبِ کبریا! | سب سے آخری نبی!

1 ...وسائلِ فردوس، صفحہ:51-52۔
2 ...مسلم،کتاب القدر،باب حجاج آدم و موسیٰ علیہما السّلام،صفحہ:1023،حدیث:2653۔
3 ... المواہب اللدنیہ، المقصد الاول...الخ، جلد:1، صفحہ:28۔
4 ...مختصر تاریخ مدینہ دمشق،ما ورد فی اصطفائہ علی العالمین... الخ،جلد:2،صفحہ:111۔
5 ...مختصر تاریخ دمشق لابن عساکر،ذکر ما خص بہ و شرف بہ ،جلد:2،صفحہ:137۔

عقيده سب صحابه کا! | سب سے آخری نبی! | عقيده اَہْلِ بیت کا! | سب سے آخری نبی!(1)

# آخري هجڻ ۾ لڪيل فضيلتون

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ فرمايو:

وَلٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَخَاتَمَ النَّبِيّٖنَ (پارو: 22، سورة احزاب: 40)

ترجمو ڪنزُ العرفان: پر الله جو رسول آهي ۽ سڀني نبين جي آخر ۾ تشريف وٺي اچڻ وارو آهي ۽ الله سڀ ڪجهه ڄاڻڻ وارو آهي.

الله پاڪ هي جيڪو وصفِ مصطفيٰ ذڪر ڪيو ته پاڻ خاتمُ النَّبِيّين آهن، سڀ کان آخري نبي آهن. ياد رکو: هي صرف هڪ وصف ناهي، صرف هڪ فضيلت ناهي بلڪ هي هڪ وصفِ مصطفيٰ ڪيترن ئي اوصافِ مصطفيٰ جو مجموعو آهي.

اهو ڪيئن...؟ ٻڌو! اسان جا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آخري نبي آهن، يعني سڀ کان آخري هادي (هدايت ڏيڻ وارا) آهن، هن جاءِ تي يعني نبوت جي معاملي ۾ آخري هجڻ جا تمام گهڻا تقاضا آهن، مثال طور

## (١): علمِ مصطفيٰ جي وسعت

آخري نبي هجڻ جو مطلب آهي ته هاڻي قيامت تائين ڪو نئون نبي نه ايندو، تنهن ڪري ضروري آهي ته جيڪو آخري هجي، ان کي قيامت تائين جي معاملن جو علم به هجي، تڏهن ئي قيامت تائين لاءِ هدايت ڪافي ٿي سگهندي. جيڪو نبي آخري هجي پر ڪجهه صدين جي ئي معلومات رکندو هجي، ان کان اڳتي جو علم ان وٽ نه هجي، ظاهر آهي، اهو ايندڙ نسلن کي هدايت نه ڏئي سگهندو، جڏهن ايندڙ نسلن کي هدايت نه ڏئي سگهندو ته نئين نبي جي ضرورت پيش ايندي. تنهن ڪري ضروري آهي ته جيڪو آخري نبي هجي، ان وٽ قيامت تائين جي سڀني احوالن جو علم هجي، اهو آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قيامت تائين اچڻ واري هر هر لمحي، هر هر صدي، هر هر معاشري، هر هر قسم جي جدت، هر دور ۾ بدلجڻ وارن انسانن جي مزاجن،

---

1 ...وسائلِ فردوس، صفحہ:51۔

رسمن ۽ رواجن کان خوب واقفيت رکندو هجي، تڏهن ئي هو قيامت تائين اچڻ وارن لاءِ هدايت جو سامان ڪري سگهندو. تنهنڪري اللّٰه پاڪ جڏهن فرمايو:

وَلٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَخَاتَمَ النَّبِيّٖنَ (پارو: 22، سورة احزاب: 40)

ترجمو ڪنزُ العرفان: پر اللّٰه جو رسول آهي ۽ سڀني نبين جي آخر ۾ تشريف وٺي اچڻ وارو آهي ۽ اللّٰه سڀ ڪجهه ڄاڻڻ وارو آهي.

تہ هن فرمانِ عالي شان ۾ اهو اعلان بہ شامل آهي تہ اسان جا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام گهڻي وسيع علم رکڻ وارا آهن، پاڻ قيامت تائين اچڻ واري هر هر صدي ۾، هر هر انسان جي سڀني ضرورتن جو خوب علم رکڻ وارا آهن. پاڻ سڀُورن جو علم قيامت تائين اچڻ وارن لاءِ محيط آهي.

پوري زمين کي ڏسي ورتو

صحابيءِ رسول حضرت عبداللّٰه بن عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: حاضر و ناظر نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِنَّ اللّٰهَ قَدْ رَفَعَ لِيَ الدُّنْيَا فَاَنَا اَنْظُرُ اِلَيْهَا وَاِلٰى مَا هُوَ كَائِنٌ فِيْهَا اِلٰى يَوْمِ الْقِيَامَةِ كَاَنَّمَا اَنْظُرُ اِلٰى كَفِّيْ هٰذِهٖ يعني بيشڪ اللّٰه پاڪ منهنجي لاءِ دنيا کي مٿي کنيو، پوءِ مان ان کي ۽ قيامت تائين جيڪو ڪجهه ان ۾ ٿيڻ وارو آهي، سڀ اهڙيءَ طرح ڏسي رهيو آهيان، جيئن پنهنجي هن ترِيءَ کي ڏسان ٿو.(1)

فرش تا عرش سب آئينہ ضمائر حاضر | بس قسم کھايئے اُمّی تری دانائی کی (2)

**وضاحت:** فرش کان عرش تائين، ستن زمينن جي هيٺان کان وٺي ستن آسمانن جي مٿان تائين جيڪو ڪجهه بہ موجود آهي، اهو پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ اکين اڳيان هڪ صاف شفاف آئيني وانگر حاضر ۽ موجود آهي، جڻ تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن چاهين جتي چاهين نظر فرمائين. اي منهنجا پيارا پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسان کي واقعي اوهان جي دانائي ۽ علم و فراست جو قَسم کڻڻ گهرجي.

سُبْحٰنَ اللّٰه! ڪيڏو شان آهي منهنجي آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو...!! پوري زمين جنهن

1... مجمع الزوائد، كتاب علامات النبوة، باب اخباره با لمغيبات، جلد:8، صفحه:365، حديث:14067۔
2...حدائقِ بخشش،صفحه:154۔

جو ڪل رقبو تقريبن 510 ملين مربع ڪلوميٽر آهي، پيارا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مديني پاڪ جي سرزمين تي ويهي پوري زمين کي اهڙيءَ طرح ڏسي رهيا آهن، جيئن ماڻهو پنهنجي ترِيءَ کي ڏسندو آهي.

## جيڪو نہ هو، ان کي بہ ڏٺو

پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي انهيءَ حديث شريف جي هڪ ٻئي پاسي تي غور فرمايو! پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم صرف اهو نہ چيو تہ هن وقت دنيا ۾ جيڪو ڪجهہ موجود آهي مان اهو سڀ ڏسي رهيو آهيان بلڪ فرمايائون: (هن وقت جيڪو ڪجهہ آهي، ان کي تہ ڏسي ئي رهيو آهيان، ان سان گڏوگڏ) قيامت تائين جيڪو ڪجهہ ٿيڻو آهي، مان اهو سڀ بہ ڏسي رهيو آهيان. اها وڏي اهم (Important) ڳالهہ آهي.۞سائنس چاهي جيتري بہ ترقي ڪري ۞جيترا بہ اوزار ايجاد ٿي وڃن ۞اسان جهڙيون مرضي مشينون استعمال ڪيون ۞لينز لڳايون پر معدوم شيءِ (يعني جيڪا اڃا پيدا ئي ناهي ٿي، ان) کي اسان نٿا ڏسي سگهون. اڄ سائنس ترقي ڪري چڪي آهي، سيٽلائيٽ جي ذريعي پوري دنيا کي اسڪرين تي ڏسي سگهجي ٿو پر جيڪو ڪجهہ اڃا دنيا ۾ آهي ئي نہ، ان کي اسان سيٽلائيٽ (Satellite) جي ذريعي بہ نٿا ڏسي سگهون.

فرض ڪريو! ڪنهن شهر ۾ هڪ وڏو ٽاور آهي، توهان سيٽلائيٽ جي ذريعي ان ٽاور کي تہ ڏسي وٺندا پر هڪ سال ڪانپوءِ ان ٽاور جي جاءِ تي ڇا هوندو؟ اهو توهان سيٽلائيٽ جي ذريعي بہ نٿا ڏسي سگهو. قربان وڃجي! اهو اسان جي پياري محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو شان آهي، اڄ جي هن سائنسي دور ۾ نہ بلڪ اڄ کان تقريبن ساڍا 15 سو سال پهريان پوري دنيا کي سيٽلائيٽ جي ذريعي نہ بلڪ الله پاڪ جي ڏنل طاقت سان ڏسي رهيا هئا ۽ صرف ان وقت کي نہ ڏسي رهيا هئا بلڪ قيامت تائين هن دنيا ۾ جيڪو ڪجهہ ٿيڻو آهي، اهو سڀ بہ ڏسي رهيا هئا ۽ صرف وڏا وڏا واقعا ئي نہ، وڏيون وڏيون شيون ئي نہ بلڪ هن زمين جي ننڍن ننڍن ذرن ۾ جيڪي تبديليون اينديون رهنديون، اهي سڀ بہ ملاحظ فرمائي رهيا هئا.

آنکھیں یہ نہیں سبزۂ مژگاں کے قریب | چرتے ہیں فضائے لامکاں میں آہو[1]

وضاحت: پياري محبوب جون ھي مبارڪ اکيون، انهن کي عام اکيون نہ سمجھو ھي تہ چڻ لامکان ۾ ڦرندڙ هرڻ آهن جن کان ڪا ڳالھ لِڪيل ناهي.

## (۲): ڪامل دين وارا نبي

پيارا اسلامي ڀائرو! آخري نبي هجڻ جو هڪ تقاضو اهو آهي تہ جيڪي آخري نبي هجن، انهن وٽ هدايت ڪامل ۽ اڪمل هئڻ گهرجي، ظاهر آهي جيڪڏهن قيامت تائين اچڻ واري هر هر معاشري لاءِ هدايت نہ هجي تہ انهن کي نئين نبي جي ضرورت پيش اچي ويندي. مثال طور 1500 سال پهريان جو جيڪو دور هو ۽ اڄ جو جيڪو دور آهي، ان ۾ زمين آسمان جو فرق آهي، پهريان اُٺن تي سفر ٿيندو هو، هاڻي انسان هوائن ۾ سفر ڪري ٿو، پهريان ڪبوترن جي ذريعي پيغام موڪليا ويندا هئا، هاڻي موبائل جو زمانو آهي، پهريان هٿن سان ڪم ٿيندو هو، هاڻي مشين جو زمانو آهي، جيڪڏهن اسلام وٽ اڄ جي دور جي انسان لاءِ هدايت موجود نہ هجي تہ اڄ جي انسان کي نئين هدايت جي ضرورت پيش ايندي، تنهنڪري ضروري آهي تہ جيڪي آخري نبي بڻجي تشريف آڻين، انهن وٽ هدايت بہ ڪامل ۽ اڪمل هجي تہ جيئن قيامت تائين اچڻ وارن کي اها هدايت ڪافي هجي. تنهنڪري اللّٰه پاڪ جيڪو فرمايو:

وَ لٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَ خَاتَمَ النَّبِیّٖنَ (پارو: 22، سورة احزاب: 40)

ترجمو ڪنزُ العرفان: پر اللّٰه جو رسول آهي ۽ سڀني نبين جي آخر ۾ تشريف وٺي اچڻ وارو آهي ۽ اللّٰه سڀ ڪجھ ڄاڻڻ وارو آهي.

اهو صرف عقيدهءِ ختمِ نبوت جو بيان ناهي بلڪ ان ڳالھ جو اعلان بہ آهي تہ پهريان جيڪي انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام تشريف فرما ٿيا، انهن جو جيڪو دين هو، اهو زمانن جي لاءِ خاص هو، انهن جون ڏنل هدايتون انهن جي زماني تائين محدود هيون، هاڻي جيڪي محبوب نبي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف فرما ٿيا آهن، انهن جي هدايت ڪامل ۽ اڪمل هدايت آهي، ان نبي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذريعي انسانيت کي اهو سڀ ڪجھ سيکاريو ويو، جيڪو قيامت تائين

1... حدائق بخشش، صفحہ:444۔

لاءِ انهن جي هر هر ضرورت کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.

## (٣): عالمگير نبوت

پيارا اسلامي ڀائرو! آخري نبي هجڻ جو هڪ تقاضو اهو بہ آهي تہ جيڪي آخري نبي بڻجي تشريف آڻن، انهن جي نبوت عالمگير هجي، ظاهر آهي تہ آخري نبي جيڪڏهن هڪ علائقي جا نبي هجن تہ ٻئي علائقي وارن کي نئين نبي جي ضرورت پيش ايندي. تنهنڪري الله پاڪ فرمايو:

وَ لٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَ خَاتَمَ النَّبِیّٖنَ (پارو: 22، سورة احزاب: 40)

ترجمو ڪنزُ العرفان: پر الله جو رسول آهي ۽ سڀني نبين جي آخر ۾ تشريف وٺي اچڻ وارو آهي ۽ الله سڀ ڪجھ ڄاڻڻ وارو آهي.

اهو ان ڳالھ جو بہ اعلان آهي تہ پهريان جيڪي نبي تشريف آڻيندا هئا، اهي پنهنجي پنهنجي علائقن جا نبي هوندا هئا، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام بابل وارن ڏانهن نبي بڻجي تشريف فرما ٿيا، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام بني اسرائيل جا نبي بڻجي تشريف فرما ٿيا، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام بني اسرائيل ڏانهن نبي بڻجي تشريف فرما ٿيا، حضرت هود عَلَيْهِ السَّلَام قومِ عاد ڏانهن نبي بڻجي تشريف کڻي آيا، حضرت صالح عَلَيْهِ السَّلَام قومِ ثمود ڏانهن نبي بڻجي تشريف کڻي آيا پر قربان وڃجي! جڏهن محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي واري ۾ اهو اعلان ڪيو ويو تہ پاڻ ڪنهن خاص قوم، ڪنهن خاص خطي جا نہ بلڪ سڄي انسانيت جا نبي آهن.

## (٤): ڪامل ۽ اڪمل سيرت

پيارا اسلامي ڀائرو! آخري نبي هجڻ جو چوٿون تقاضو اهو آهي تہ آخري نبي جي سيرت ڪامل ۽ اڪمل هجي، تہ جيئن قيامت تائين اچڻ واري هر هر انسان لاءِ انهن جي سيرت ۾ عملي نمونو ملي سگهي. تنهن ڪري الله پاڪ تڏهن فرمايو:

وَ لٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَ خَاتَمَ النَّبِیّٖنَ (پارو: 22، سورة احزاب: 40)

ترجمو ڪنزُ العرفان: پر الله جو رسول آهي ۽ سڀني نبين جي آخر ۾ تشريف وٺي اچڻ وارو آهي ۽ الله سڀ ڪجھ ڄاڻڻ وارو آهي.

ان ۾ عقيدهءِ ختمِ نبوت سان گڏوگڏ ان ڳالھ جو بہ اعلان شامل آھي تہ ھاڻي جيڪي نبي تشريف کڻي آيا آھن، اھي سڀ ڪان ڪامل سيرت وارا نبي آھن.

## سيرتِ مصطفيٰ جي جامعيت

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

فَبِهُدٰىهُمُ اقْتَدِهْ (پاره: 7، الانعام: 90)

ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ توھان انھن جي ھدايت جي پيروي ڪيو.

لفظ اِقتداء جي معنيٰ آھي: ڪنھن ٻئي جي طريقي تي ھلڻ، ڪنھن جھڙيون صفتون ۽ اخلاق پنھنجي اندر اپنائڻ جو اھو پيو شخص پھرين شخص جو نمونو بڻجي وڃي.[1]

يعني اي پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! سڀ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِم السَّلَام خاص خاص معاملن ۾ تمام گھڻا باڪمال ھئا مثلاً حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام جي قوتِ برداشت وڏي ڪمال جي ھئي جو 950 سال تبليغ فرمائي، تڪليفون سَنيون پر اُف بہ نہ ڪيائون ۞ حضرت ابراھيم عَلَيْهِ السَّلَام اول درجي جا سخي، خدا جي راھ ۾ قربانيون ڏيڻ وارا آھن ۞ حضرت ايوب، حضرت اسحاق ۽ حضرت يعقوب عَلَيْهِم السَّلَام اول درجي جا صابر آھن ۞ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام وڏن ڪامل معجزن وارا، مدبر ۽ حڪمت وارا آھن ۞ حضرت يحيٰ ۽ عيسيٰ عَلَيْهِم السَّلَام اول درجي جا زاھد آھن ۞ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام نھايت سچار، اول درجي جا سچي وعدي وارا آھن ۞ حضرت يونس عَلَيْهِ السَّلَام اول درجي جا عاجزي ۽ انڪساري وارا آھن. مطلب تہ تمام انبياءِ ڪرام عَلَيْهِم السَّلَام ڪمالن وارا آھن ۽ خاص خاص اوصاف ۾ نھايت ئي اعليٰ درجي جو ڪمال رکڻ وارا آھن. اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوھان انھن سيني جي سيني ڪمالن کي نھايت اعليٰ سطح تي اپنايو (بلڪ انھن انبياءِ ڪرام عَلَيْهِم السَّلَام کان بہ ڪيترائي حصا وڌيڪ) سيني ڪمالن جو مجموعو بڻجي وڃو![2]

سُبْحٰنَ الله! ڪنھن فارسي شاعر ڪيڏي نہ پياري ڳالھ فرمائي آھي:

---

1...تفسيرنعيمی، پاره: 7، الانعام، زيرِ آيت:90، جلد:7، صفحہ: 612ملخصاً۔

2...تفسيرنعيمی، پاره: 7، سورۂ انعام، زيرِ آيت :90، جلد:7، صفحہ: 613ملخصاً۔

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| حُسنِ | يُوسُف، | دَمِ | عيسىٰ، | يَدِ | بَيْضَا | دَارِی |
| آنْچهٔ | خُوبانْ | هَمَه | دَارَنْدْ، | تُو | تَنْهَا | دَارِی |

مفهوم: يعني حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام کي حسن ۾ ڪمال مليو، حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ڦوڪ هڻي بي جانن ۾ جان وجهي ڇڏيندا هئا، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي روشن هٿ جو معجزو عطا ٿيو، سيئي وڏن وڏن ڪمالن وارا هئا پر اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن سيني جا سمورا ڪمالَ اوهان جي اڪيلي ذات ۾ گڏ ڪيا ويا آهن.

## سڀ کان اوليٰ ۽ اعليٰ اسان جو نبي

حضرت سيده آمنہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: جڏهن حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پيدا ٿيا تہ مون ڏٺو تہ هڪ تمام وڏو ڪَڪرُ آيو جنهن ۾ روشني سان گڏ گهوڙن جي هڻڪار ۽ پکين جي اڏامڻ جو آواز هو ۽ ڪجھ انسانن جون بوليون بہ ٻڌڻ ۾ اچي رهيون هيون. پوءِ هڪدم حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي سامهون کان غائب ٿي ويا، مون ٻڌو، ڪو اعلان ڪري رهيو هو: محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي مشرق ۽ مغرب جو سير ڪرايو! انهن کي سمنڊن ۾ وٺي وڃو! تہ جيئن سڄي ڪائنات کي انهن جو نالو، انهن جو حليو، انهن جي صفت معلوم ٿي وڃي، انهن کي سيني جاندار مخلوق يعني جن و انس، ملائڪ ۽ جانورن ۽ پکين جي سامهون پيش ڪيو! ۞ انهن کي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي صورت ۞ حضرت شيث عَلَيْهِ السَّلَام جي معرفت ۞ حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام جي شجاعت ۞ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي خُلّت ۞ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي زبان ۞ حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام جي رضا ۞ حضرت صالح عَلَيْهِ السَّلَام جي فصاحت ۞ حضرت لوط عَلَيْهِ السَّلَام جي حڪمت ۞ حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام جي بشارت ۞ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي شدت (يعني جلال) ۞ حضرت ايوب عَلَيْهِ السَّلَام جو صبر ۞ حضرت يونس عَلَيْهِ السَّلَام جي طاعت ۞ حضرت يوشع عَلَيْهِ السَّلَام جو الله پاڪ جي راه ۾ جهاد ۞ حضرت دائود عَلَيْهِ السَّلَام جو آواز ۞ حضرت دانيال عَلَيْهِ السَّلَام جي محبت ۞ حضرت

الياس عَلَيْهِ السَّلَام جو وقار ۞ حضرت يحيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي عصمت (يعني پاڪدامني) ۞ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو زهد عطا ڪري انهن کي سيني پيغمبرن جي ڪمالن ۽ اخلاقِ حسنہ سان مزين ڪري ڇڏيو![1]

سُبْحٰنَ الله! هي آهي آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شانِ ختمِ نبوت...!! جڏهن الله پاڪ فرمايو تہ اوهان آخري نبي آهيو تہ ان جي هڪ معنيٰ اها بہ آهي تہ اسان پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ۞ چوندا اها بخشي جو آدم عَلَيْهِ السَّلَام رَشُڪ ڪن تا ۞ خُلّت اها عطا ڪئي جو حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام رشڪ فرمائن ۞ شانِ ڪليمي اها عطا ڪئي جو حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام رشڪ فرمائن ۞ حُسن اهو ڏنو جو يوسف عَلَيْهِ السَّلَام انهن جي ديدار جي تمنا فرمائن ۞ مُلڪ ۽ بادشاهي اها عطا ڪئي جو سليمان عَلَيْهِ السَّلَام رشڪ فرمائن ۞ صبر اهو ڏنو جو يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام رشڪ فرمائن ۽ ۞ مسيحائي اها عطا فرمائي جو حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام رشڪ فرمائن ٿا، مطلب تہ: سڀ جا سڀ اوصاف ۽ ڪمالَ اهڙا عطا فرمايا آهن جو انهن جي مثل پهريان نبين کي بہ عطا نہ ٿيا آهن.

ذات ہوئی انتخاب، وَصف ہوئے لاجواب
نام ہوا مصطفےٰ تم پہ کروڑوں درود[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم جو هي هڪ لفظ آهي:

وَخَاتَمَ النَّبِيّٖنَ (پارو: 22، سورت احزاب: 40)

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ سيني نبين جي آخر ۾ تشريف وٺي اچڻ وارو آهي.

هن هڪ لفظ جي اندر ڏسو! پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪيڏو شان بيان ٿيل آهي، انهيءَ ۾ ئي پاڻ سڳورن جي علم جي وسعت جو بيان بہ موجود آهي، انهيءَ ۾ ئي پاڻ سڳورن جي دين جي ڪامل ۽ اڪمل هجڻ جو بيان بہ موجود آهي ۽ انهيءَ ۾ ئي پاڻ سڳورن جي بي مثل ۽ بي مثال هجڻ جو بيان بہ موجود آهي.

---

1...سيرت مصطفی، صفحہ:68-69 بتصرف قليل۔
2...حدائق بخشش، صفحہ: 264۔

پوءِ اسان چو نہ جهومي جهومي نعرا لڳايون

| | | | |
|---|---|---|---|
| محمد مصطفیٰ | سب سے آخری نبی! | احمد مجتبیٰ | سب سے آخری نبی! |
| آمنہ کا لاڈلہ | سب سے آخری نبی! | شاہِ ہر دوسرا | سب سے آخری نبی! |
| تاجدارِ انبیا | سب سے آخری نبی! | ہیں حبیب کبریا | سب سے آخری نبی! |
| ہیں شفیع الورا | سب سے آخری نبی! | عاصیوں کا آسرا | سب سے آخری نبی! |
| اعتقادِ فاطمہ | سب سے آخری نبی! | ہے یقین عائشہ | سب سے آخری نبی! |
| عقیدہ سب صحابہ کا ! | سب سے آخری نبی! | عقیدہ اَہلِ بیت کا ! | سب سے آخری نبی! |
| عقیدہ غوثِ پاک کا! | سب سے آخری نبی! | اَولیا نے بھی کہا! | سب سے آخری نبی! |
| شیخ و شاب نے کہا | سب سے آخری نبی! | بچہ بچہ بول اُٹھا | سب سے آخری نبی! |
| ہے عقیدۂ رضا | سب سے آخری نبی! | نعرہ ہے عطّار کا | سب سے آخری نبی! (1) |

## اُمّت لاءِ ختمِ نبوت جو فيض

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آخري نبي بڻجي تشريف کڻي آيا، ان شانِ ختمِ نبوت جو فيض اسان کي بہ نصيب ٿيو آهي. ۞ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آخري نبي آهن، تنهنڪري هاڻي اسان کي ڪنهن بئي نبي جي انتظار جي ضرورت ناهي، اهو تمام وڏو امتحان آهي، جنهن مان اسان کي ڇوٽڪارو ملي ويو، جي ها! پهريان هڪ نبي جو ڪلمو پڙهندا آهن، هاڻي نئون نبي تشريف وٺي آيو، پهريان وارن جو ڪلمو ڇڏي نئين نبي جو ڪلمو پڙهڻ وڏي آزمائش آهي. اهي ماڻهو جيڪي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو ڪلمو پڙهندا هئا، جڏهن حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تشريف کڻي آيا، انهن لاءِ آزمائش ٿي وئي، اهي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو ڪلمو ڇڏڻ لاءِ تيار ئي نہ هئا، انهن حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي شهيد ڪري ڇڏڻ جون ناپاڪ ڪوششون ڪيون، نتيجتاً جهنم جا حقدار ٿي ويا. سوچيو! جيڪڏهن هن امتحان ۾ اسان کي بہ وڌو وڃي ها، پوءِ اها پرک بہ ڪرڙي پوي ها تہ جن هاڻي نبوت جي دعويٰ

1 ... وسائلِ فردوس، صفحه:51-52۔

ڪئي آهي، اهي سچا به آهن يا ڪوڙا آهن، اها وڏي آزمائش جي ڳالهه هئي، قربان وڃجي! محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان کي ان امتحان کان بچايو ويو، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آخري نبي بڻجي تشريف وٺي آيا، هاڻي بس ڳالهه فائنل آهي، ۽ ڪو نئون نبي اچڻو ئي ناهي، ڪو بدبخت نبوت جي دعويٰ ڪري به ته پرکڻ، تحقيق ڪرڻ جي ضرورت ئي ناهي، اکيون بند ڪري چئي ڇڏيو، هي بدبخت ڪوڙو آهي. سوچيو! اهو امتحان نه هجڻ ڪيڏي وڏي نعمت آهي. الحمدللّٰه! محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان کي نصيب ٿي آهي ۞ اهڙيءَ طرح ٻيا به تمام گهڻا فيضَ آهن جيڪي آقا جي شانِ ختمِ نبوت جي برڪت سان اسان کي نصيب ٿيا آهن. هڪ فيض اهو به آهي ته اسان کي بهترين امت جو لقب نصيب ٿي ويو آهي. اللّٰه پاڪ فرمايو:

كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَ تَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ
(پاره: 4، سورت آل عمران: 110)

ترجمو ڪنزُ العرفان: (اي مسلمانو!) توهان ٻلي امت آهيو جيڪا ماڻهن (جي هدايت) جي لاءِ ظاهر ڪئي وئي، توهان ڀلائي جو حڪم ڏيندا آهيو ۽ برائي کان منع ڪندا آهيو.

نيڪي جي دعوت ڏيڻ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جو فريضو هوندو هو، جڏهن آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آخري نبي بڻجي تشريف وٺي آيا، هاڻي ظاهر آهي قيامت تائين ڪو به نئون نبي پيدا ٿي ئي نٿو سگهي، تنهنڪري هاڻي اسان کي اها ذميواري عطا ڪئي وئي ته نبين وارو ڪم هاڻي هيءَ امت ڪري، يعني نيڪي جي دعوت پهريان نبي ڏيندا هئا، هاڻي امتي ڏيندا.

پوءِ ان بنياد تي يعني هي نيڪي جي دعوت ڏيڻ واري امت آهي، تنهنڪري اللّٰه پاڪ هن امت کي بهترين امت جو لقب عطا فرمايو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هي اسان جي آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شانِ ختمِ نبوت جو فيضُ آهي.

اللّٰه پاڪ اسان کي عقيده ختمِ نبوت تي استقامت نصيب فرمائي. شانِ ختمِ نبوت جو جيڪو فيضُ اسان کي نصيب ٿيو، ڪاش! اسان هن منصبَ کي سمجهڻ وارا بڻجي وڃون، هن منصب جا تقاضا پورا ڪرڻ يعني نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارا بڻجي وڃون.

# 12 ديني ڪم ڪندا ڪيو...!!

اَلْحَمْدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي، توهان بہ هن ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! ۞ هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ڪندا ڪيو! ۞ درسِ فيضانِ سنت ٻڌندا ۽ ڏيندا ڪيو! ۞ علائقائي دوري ۾ شرڪت فرمائيندا ڪيو! ۞ تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جو حلقو لڳائيندا ڪيو يا ان ۾ شرڪت ڪندا ڪيو! ۞ فجر لاءِ جاڳائيندا ڪيو! ۞ مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهو يا پڙهائيندا ڪيو! ۞ عاشقانِ رسول سان گڏ قافلن ۾ سفر فرمائيندا ڪيو! ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيم! علمِ دين سکڻ، سنتون سکڻ، انهن تي عمل ڪرڻ ۽ ٻين کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي سعادت نصيب ٿيندي. الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اچو! قافلن ۾ سفر جي هڪ مدني بهار توهان کي ٻڌايان ٿو:

## باغ جو پينگهو

حيدرآباد جي هڪ محلي ۾ علائقائي دوري جي دعوت کان متاثر ٿي هڪ ماڊرن (*Modern*) نوجوان مسجد ۾ اچي ويو. بيان ۾ قافلن ۾ سفر جي ترغيب ڏني وئي تہ هن قافلي ۾ سفر ڪرڻ لاءِ نالو لکرائي ڇڏيو. اڃا قافلي ۾ ان جي روانگي ۾ ڪجهہ ڏينهن باقي هئا تہ قضاءِ الٰهي سان ان جو انتقال ٿي ويو. ڪنهن گهر واري مرحوم کي خواب ۾ ان حالت ۾ ڏٺو تہ هو هڪ سائي باغ ۾ نهايت خوش آهي ۽ پينگهي ۾ لڏي رهيو آهي. خواب ڏسڻ واري پڇيو، هتي ڪيئن آئين؟ ان نوجوان جواب ڏنو: دعوتِ اسلامي جي قافلي سان گڏ آيو آهيان، الله پاڪ جو وڏو ڪرم ٿيو آهي، منهنجي ماءُ کي چئجان تہ هوءَ منهنجو غم نہ ڪري مان هتي ڏاڍو سڪون سان آهيان.

| | |
|---|---|
| لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو |
| پاؤ گے بخششیں قافلے میں چلو | جنّتیں بھی ملیں، قافلے میں چلو |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# اُمّت تي نبي جا حق

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! اج جي رات بختن واري رات آهي ۞ اج اسان گناهگارن، بد ڪارن جي قِسمت چمڪڻ جي رات آهي ۞ شافع محشر جي تشريف وٺي اچڻ واري رات آهي ۞ غمخوارِ امت جي جلوه گري جي رات آهي ۞ اج رات ان نبي جي آمد جي رات آهي...!! جو

ايمان ملا اُن کے صدقے قرآن ملا اُن کے صدقے
رحمٰن ملا اُن کے صدقے وہ کیا ہے جو ہم نے پایا نہیں

جنهن جي صدقي اسان کي سڀ ڪجھ مليو، انهن جا حق ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ۞ دنيا جي هر شيءِ کان وڌيڪ پاڻ سڳورن سان محبت ڪريون ۞ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ادب ۽ احترام ڪريون ۞ پاڻ سڳورن کي الله پاڪ جو سڀ کان آخري نبي مڃون ۞ پاڻ سڳورن جي اصحابن ۽ اهلِ بيت سان محبت رکون ۞ پاڻ سڳورن جي دشمنن کان بيزاري اختيار ڪيون ۞ پاڻ سڳورن جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪيون ۞ پاڻ سڳورن جي بارگاھ ۾ خوب درود ۽ سلام جا نذرانا پيش ڪيون.

اسان کي وڌيڪ گھرجي ته انهن پياري پياري آقا، سهڻي سهڻي مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان دل ۽ جان سان محبت ڪيون، سندن سنتن تي عمل ڪيون، اهڙي زندگي گذاريون جهڙي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گذاري ۞ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي چهري تي ڏاڙهي سجائي، اسان کي به گھرجي ته اسان پنهنجن چهرن کي ڏاڙهين سان سجايون ۞ پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سفيد لباس پسند فرمائيندا هئا، اسان کي به گھرجي ته اسان سنتن ڀريو لباس پائيندا ڪيون ۞ پاڻ اڪثر عمامو شريف ٻَڌندا هئا، اسان کي به گھرجي ته پنهنجي آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن سنت تي به عمل ڪيون ۞ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڪثر زلف رکيا، ته پوءِ اسان کي به زلف رکڻ گھرجن ۞ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مسواڪ تمام گھڻو پسند هئو، عموماً وضو کان

پھريان، گھر ويندي، رات جو سمھڻ کان پھريان مسواڪ ڪرڻ جي فرمائيندا هئا، ايستائين جو پنھنجي آخري وقت ۾ بہ حضرت عائشہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھا کان مسواڪ ڪرڻ جي خواهش فرمائي، اسان کي بہ گھرجي تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هن سنت تي عمل ڪندي مسواڪ ڪرڻ جي عادت بڻايون.

سنّت کی طرف لوگو تم کیوں نہیں آجاتے | کیوں سرِدُ گناہوں کا بازار نہیں ہوتا
سرکار کا عاشق بھی کیا داڑھی منڈاتا ہے | کیوں عشق کا چہرے سے اظہار نہیں ہوتا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## جشنِ ولادت جي خوشيءَ ۾ روزو رکو!

پيارا اسلامي ڀائرو! پنھنجي آقا، ڪريم آقا، رحيم آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ادا کي ادا ڪندي جشنِ ولادت جي خوشيءَ ۾ روزو بہ رکو.

ياد رهي! هي نفلي روزو آهي، جنھن کان تي سگھي، طبيعت ساٿ ڏي تہ روزو رکڻ گھرجي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: جنھن ثواب جي اميد رکندي هڪ نفل روزو رکيو، الله پاڪ ان کي دوزخ کان 40 سال (جي مسافت جي برابر) پري فرمائي ڇڏيندو. [(1)] معجمِ ڪبير جي روايت ۾ آهي: جنھن هڪ نفل روزو رکيو، ان لاءِ جنت ۾ هڪ وڻ لڳايو ويندو جنھن جو ميوو ڏاڙهونءَ کان ننڍو ۽ صُوف کان وڏو هوندو، اهو ماکي جهڙو مٺو ۽ خوش ذائقو هوندو، الله پاڪ قيامت جي ڏينھن روزيدار کي ان وڻ جو ميوو کارائيندو. [(2)]

## جلوسِ ميلاد ۾ شرڪت ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! جلوسِ ميلاد ۾ بہ خوب ڌوم ڌام سان شرڪت ڪرڻي آهي ۞ جلوسِ ميلاد ۾ گاڏيون/ موٽر سائيڪل/ پيادل هر انداز سان ڀرپور تياري سان شرڪت ڪئي وڃي ۞ جلوسِ ميلاد ۾ نظم و ضبط (Discipline) جو ڀرپور مظاهرو ڪيو! ۞ جلوسِ ميلاد ۾ نعتون ۽

1...جمع الجوامع، جلد:7، صفحہ:190، حديث:22251۔
2...معجم ڪبير، جلد:8، صفحہ:71، حديث:15323۔

نعرا اهي ئي هلايا وڃن جيڪي پاڪستان مشاورت آفيس/ صوبائي آفيس کان جاري ڪيا وڃن ۞ جلوسِ ميلاد ۾ هر UC/ وارڊ/ ٿائون جا نگران ۽ مختلف ذميداران پنهنجو بينر الڳ سان نهرائين جنهن تي پنهنجي UC/ وارڊ/ ٿائون جو نالو لکيل هجي ۞ 12 ربيع الاول جي ڏينهن بعدِ ظهر کان عصر تائين جلوسِ ميلاد ۾ تمام ذميداران ۽ شعبن وارا مرحبا يا مصطفيٰ جون صدائون هڻندا اول کان آخر تائين شرڪت ڪن ۞ شعبي جا 2 اسلامي ڀائر پنهنجي شعبي جو بينر کڻي اڳيان اڳيان هلي رهيا هجن، ان شعبي جا باقي اسلامي ڀائر انهن جي پويان پويان سرُ جهڪائي، مدني پرچم کڻي، چپن تي نعتن جا نغما سجائي نهايت پروقار انداز ۾ شرڪت ڪن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مختلف ايپليڪيشن جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالاجي جي ذريعي به نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي. دعوتِ اسلامي جي I.T ڊپارٽمينٽ تحت هن مهل تائين ڪيترين ئي موبائل ايپليڪيشن لانچ ڪيون ويون آهن: (1): تفسير صراطُ الجنان موبائل ايپليڪيشن: قرآنِ ڪريم پڙهڻ، ان کي سمجهڻ ۽ قرآنِ ڪريم جو فيضان لٽڻ لاءِ هڪ زبردست ۽ نرالي ايپليڪيشن آهي. ان جي ذريعي قرآن پاڪ ترجمي ۽ تفسير سان پڙهي نورِ قرآن سان سينو روشن ڪري سگهو ٿا. (2): فيضانِ حديث موبائل ايپليڪيشن: تمام پياري ايپليڪيشن آهي، ان جي ذريعي توهان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون حديثون ۽ انهن جي شرح پڙهي سگهو ٿا. هن ايپليڪيشن ۾ حديث پاڪ جا مشهور ڪتاب مثلاً ۞ مِشكوٰةُ المَصابيح ۽ ان جي اردو شرح مِرآةُ المَناجيح ۞ الاربعين النووية اردو ترجمي ۽ شرح سان گڏ ۞ رياض الصالحين اردو ترجمي ۽ شرح سان گڏ ۞ اربعين حنفيه (اردو) ۞ ۽ منتخب احاديث (اردو) شامل ڪيون ويون آهن ۞ هن ايپليڪيشن جي مدد سان توهان احاديثِ مبارڪ کي ڪتابي صورت ۾ (يعني جلدن جي اعتبار

سان) بہ پڙهي سگهو ٿا ۽ مختلف موضوعن جي اعتبار سان پنهنجي گهربل موضوع جو بہ مطالعو ڪري سگهو ٿا، هن ايپليڪيشن ۾ سرچ آپشن جي سهولت بہ موجود آهي، جنهن جي ذريعي ڪا بہ حديث ۽ ان جي شرح تلاش ڪري سگهجي ٿي. (3): بهارِ شريعت موبائل ايپليڪيشن: هن ايپليڪيشن جي ذريعي ديني مسئلا پڙهي ۽ سکي سگهجن ٿا.

## ڪجھ ضروري اعلانات

❀هر هفتي اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائِن، سياڻي رات عشاء جي نماز کان پوءِ اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخ طريقت، امير اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دامت برڪاتهم العاليہ سوالن جا جواب بہ عنايت فرمائيندا. سمورا ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائين ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين. ❀پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ننڍپڻ کان وٺي اعلانِ نبوت تائين جا اهم ترين واقعا، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حياتِ طيبہ جا چمڪندڙ پهلو، بيشمار معجزا، والدين ڪريمين، ازواجِ مطهرات، اولادِ اطهار، جليل القدر صحابہ و صحابيات رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جا ايمان افروز تذڪرا. اهو سڀ ڪجھ ڄاڻڻ لاءِ مطالعو ڪريو: مڪتبة المدينہ جو ڪتاب سيرتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم. هن ڪتاب جو نارمل هديو 1120 روپيا آهي، پر 1500 هون يوم جشنِ ولادت جي اسپيشل ميگا ڊسڪائونٽ آفر تي توهان هي ڪتاب 952 روپين ۾ طلب فرمايو! پاڻ بہ پڙهو! ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو! ❀اهڙي طرح هن عظيم موقعي تي جلوسِ ميلاد لاءِ مدني پرچم (هر سائيز) مڪتبة المدينہ تي دستياب آهي، اجتماع کان ويندي وقت لازمي وٺندا وڃو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ چند آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِيْ فَقَدْ اَحَبَّنِيْ وَمَنْ اَحَبَّنِيْ كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

1… تاريخ دمشق، جلد:9، صفحہ:343.

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# ڏاڙهي رکڻ سنتِ مصطفيٰ آهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مڇون ڪٽايو، ڏاڙهيون وڌايو، مجوسين جي مخالفت ڪريو! (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏاڙهي رکڻ سنتِ مصطفيٰ بلڪ سنتِ انبياءِ آهي. اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڏاڙهي مبارڪ هميشہ هڪ مٺ جيتري رهندي هئي. جيڪڏهن هڪ مٺ جي مقدار کان وڌي ويندي هئي تہ گهٽ ڪرائي ڇڏيندا هئا. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڏاڙهي مبارڪ ويڪر ۾ اهڙي هئي جو سينو مبارڪ پري ڇڏيندي هئي. (2)

اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڏاڙهي ڪوڙائڻ ۽ مڇون وڌائڻ کي سخت ناپسند فرمائيندا هئا. بهارِ شريعت ۾ آهي: ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا هڪ مٺ کان گهٽ ڪرڻ حرام آهي. (3)

مختلف سنتون سکڻ لاءِ مڪتبة المدينه جي **بهارِ شريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر بہ آهي.

سنّتیں سیکھنے تین دِن کے لئے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

1... مسلم، كتابُ الطهارت، باب: خصَالُ الْفِطْرة، صفحہ:153، حديث:257-
2... انوارِ جمالِ مصطفےٰ، صفحہ:157 خلاصة-
3... بہارِ شريعت، حصہ:16، جلد:2، صفحہ:586-